هفتيوار سُنّتن ڀريي اجتماع ۾ ٿيڻ وارو

# سُنّتن ڀريو بيان

15 December 2016



## مسواڪ ڪرڻ سنت آهي

(Sindhi)

اَلْحَمْدُ لِلّٰہِ رَبِّ الْعٰلَمِیْنَ وَالصَّلٰوۃُ وَالسَّلَامُ عَلٰی سَیِّدِ الْمُرْسَلِیْنَ ؕ

اَمَّا بَعْدُ! فَاَعُوْذُ بِاللّٰہِ مِنَ الشَّیْطٰنِ الرَّجِیْمِ ؕ بِسْمِ اللّٰہِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِیْمِ ؕ

# مسواڪ ڪرڻ سنت آهي

اَلصَّلٰوۃُ وَالسَّلَامُ عَلَیْكَ یَا رَسُوْلَ اللّٰہ وَعَلٰی اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ یَا حَبِیْبَ اللّٰہ

اَلصَّلٰوۃُ وَالسَّلَامُ عَلَیْكَ یَا نَبِیَّ اللّٰہ وَعَلٰی اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ یَا نُوْرَ اللّٰہ

نَوَیْتُ سُنَّتَ الْاِعْتِکَاف

(مون سنّتِ اعتڪاف جي نيّت ڪئي)

جڏهن بہ مسجد ۾ داخل ٿيو، ياد اچڻ تي نفلي اعتڪاف جي نيّت ڪري ونو، جيستائين مسجد ۾ رهندؤ نفلي اعتڪاف جو ثواب پڻ ملندو رهندو ۽ ضمنًا مسجد ۾ ڪائڻ پيئڻ بہ جائز ٿي ويندو.

## دُرُود شريف جي فضيلت

حضرتِ علامہ مَجدُالدّين فيروز آبادي رَحْمَةُاللهِ تَعَالٰي عَلَيه کان منقول آهي: جڏهن ڪنهن مجلس (يعني ماڻهن) ۾ ويهو ۽ چئو: بِسْمِ اللّٰہِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِیْمِ وَصَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد تہ اللہ عَزَّوَجَلَّ توهان تي هڪ ملائڪ مقرّر فرمائيندو جيڪو توهان ڪي غيبت کان باز رکندو ۽ جڏهن مجلس مان اٿو تہ چئو: بِسْمِ اللّٰہِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِیْمِ وَصَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد تہ ملائڪ ماڻهن کي توهان جي غيبت ڪرڻ کان باز رکندو. اَلْقَوْلُ الْبَدِ يع ص٢٧٨ )

اُف وہ رہِ سنگلاخ، آہ! یہ پاشاخ شاخ

اے مرے مشکل کشا! تم پہ کروڑوں درود

(حدائقِ بخشش، ص٢٦٦)

www.dawateislami.net

شعر جي مختصر وضاحت: هاءِ افسوس! ڏکيو سفر آهي، راهه به پٿرن سان ڀريل آهي ۽ منهنجا پير به زخمن سان چور چور آهن. اي منهنجي مشڪلن کي حل ڪرڻ وارا آقا صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم! منهنجي مشڪل ڪشائي ڪيو، اوهان تي الله عَزَّوَجَلَّ ڪروڙين رحمتون نازل فرمائي.

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِيْب! صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اسان ثواب حاصل ڪرڻ خاطر بيان ٻڌڻ کان پهريان سنيون سنيون نيتون ڪيون ٿا. فرمانِ مصطفيٰ صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: نِيَّةُ الْمُؤْمِنِ خَيْرٌ مِّنْ عَمَلِه.يعني مسلمان جي نيت ان جي عمل کان بهتر آهي.[1]

**ٻه مدني گُل:** 1 بنا سني نيت جي ڪنهن به نيڪ عمل جو ثواب ناهي ملندو.
2 جيتريون سنيون نيتون وڌيڪ، اوترو ثواب به وڌيڪ.

## بيان ٻڌڻ جون نيّتون

❁ نگاهون جهڪائي انتهائي توجهه سان بيان ٻُڌندس ❁ ٽيڪ لڳائي ويهڻ بدران علمِ دين جي تعظيم خاطر جيترو ٿي سگهيو گوڏا ڀڃي ويهندس ❁ ضرورت طور سوڙهو ٿي سِرڪي ٻين جي لاءِ جاءِ ڪُشادي ڪندس ❁ ڌِڪو وغيره لڳو ته صبر ڪندس، گهورڻ، جهڙڪڻ ۽ اُلجهڻ کان بچندس ❁ صَلُّوا عَلَي الحَبِيب! اُذْکُرُوالله، تُوبُوا اِلَي الله! وغيره ٻُڌي ثواب ڪمائڻ ۽ صدا لڳائڻ وارن جي دِل جوئي (يعني دلداري) جي لاءِ بلند آواز سان جواب ڏيندس ❁ بيان کان پوءِ پاڻ اڳتي وڌي سلام، مُصافحو ۽ اِنفرادي ڪوشش ڪندس.

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِيْب! صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

[1] (المعجم الكبير للطبراني، باب السين،سهل بن سعد الساعدى الحديث: 5942، ج 6، ص 185)

www.dawateislami.net

## مِسواڪ جي برڪت سان جنگ ۾ ڪاميابي

حضرت سَيدُنا عبدالله بن مبارڪ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰي عَلَيه پنهنجي زندگي جا ٽي حصا ڪيا هئا، هڪ سال حج تي ويندا ها، هڪ سال جنگ ۾ ويندا هئا ۽ هڪ سال علمِ دين جو درس ڏيندا هئا، هڪ ڀيري جنگ ۾ تشريف وٺي ويا، اتي ڪافرن جو قلعو فتح نہ ٿي رهيو هو، تہ پاڻ رات جو هن فڪر ۾ سمهي پيا، خواب ۾ ڏٺائون تہ حضورِ اقدس صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمائي رهيا آهن: اي عبدالله! ڪهڙي فڪر ۾ آهيو؟ عرض ڪيائون: يارسول الله صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم !اهو قلعو فتح نہ ٿي رهيو آهي، هن فڪر ۾ آهيان. حضور سيدِ عالم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو تہ وضو مِسواڪ سان ڪندا ڪيو، حضرت سيدنا عبدالله بن مبارڪ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰي عَلَيه خواب مان بيدار ٿيا، مِسواڪ سان گڏ وضو ڪيو ۽ نمازين کي بہ مسواڪ جو حڪم ڏنو، قلعي جي نگران قلعي جي مٿان کان مجاهدين کي مِسواڪ ڪندي ڏٺو تہ الله تعاليٰ ان جي دل ۾ هڪ خوف وجهي ڇڏيو، هو هيٺ ويو ۽ قلعي جي سردارن کي چيو تہ هيءَ فوج جيڪا آئي آهي هي ماڻهو آدم خور معلوم ٿين ٿا، ڏندن کي تيز ڪري رهيا آهن تہ جيئن اسان تي فتح حاصل ڪري اسان کي کائن، الله تعاليٰ اها دهشت انهن جي دلين ۾ ويهاري ڇڏي ۽ مسلمانن وٽ قاصد موڪليائون تہ توهان مال چاهيو ٿا يا جان؟ حضرت سيدنا عبدالله بن مبارڪ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰي عَلَيه فرمايو: نہ مال کپي ٿو نہ جان، توهان سيئي اسلام قبول ڪري وٺو تہ ڇوٽڪارو ملندو، ان سُنّت جي برڪت سان اهي سڀ مسلمان ٿي ويا.

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اوهان ڏٺو هڪ سنت تي عمل جي برڪت سان نہ رڳو مسلمانن کي ڪاميابي حاصل ٿي بلڪ دشمن ئي مسلمان ٿي پنهنجا ٿي ويا . يقيناً اسان جي فتح ۽ ڪاميابي حضورِ اقدس صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي پيارن

www.dawateislami.net

طريقن ۾ سُنّتن ۾ آهي، جيڪڏهن اسان چاهيون ٿا تہ مِلّتِ اسلاميہ جي وڃايل شان ۽ شوڪت ۽ غلبو بحال ٿئي تہ ان جي لاءِ اسان کي حضور پُرنور صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي هڪ هڪ سُنّت کي اپنائڻو پوندو. اللّٰہ عَزَّوَجَلَّ حضور نبي ڪريم، محبوبِ ربِّ عظيم صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي اِطاعت ۽ فرمانبرداري جو پابند بنائڻ جي لاءِ سيپارو 21 سُوره احزاب جي آيت نمبر 21 ۾ ارشادفرمائي ٿو:

لَقَدْ كَانَ لَكُمْ فِيْ رَسُوْلِ اللّٰهِ اُسْوَةٌ حَسَنَةٌ

ترجمو ڪنزالايمان: بيشڪ توهان جي واسطي رسول اللّٰہ جي پيروي بهتر آهي.

صدر الافاضل مفتي نعيم الدّين مرادآبادي رَحْمَۃُ اللہِ تَعَالٰی عَلَیْہ فرمائن ٿا تہ انهن جي چڱي طرح پيروي ڪريو ۽ دينِ الٰهي جي مدد ڪريو ۽ رسولِ ڪريم صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جو ساٿ نہ ڇڏيو ۽ مصيبتن تي صبر ڪريو ۽ رسولِ ڪريم صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي سُنّتن تي هلو اهو بهتر آهي .

مُفسّرِ شهير، حڪيمُ الاُمَّت مفتي احمد يارخان رَحْمَۃُ اللہِ تَعَالٰی عَلَیْہ هن آيتِ سڳوري جي تحت ***تفسيرِنورُالعرفان***، صفحي 671 تي فرمائن ٿا: معلوم ٿيو تہ حضور صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي مبارڪ زندگي تمام انسانن جي لاءِ نمونو آهي، جنهن ۾ زندگي جو ڪو شعبو باقي ناهي رهيو ۽ هي بہ مطلب ٿي سگهي ٿو تہ ربّ عَزَّوَجَلَّ حضور صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي مبارڪ زندگي کي پنهنجي قدرت جو نمونو بڻايو.

ڪاريگر نموني تي پنهنجو سڄو ڪاريگري زور لڳائيندو آهي. معلوم ٿيو تہ ڪامياب زندگي اها ئي آهي، جيڪا سندن نقشِ قدم تي هجي، جيڪڏهن اسان جو جيئڻ مرڻ سمهڻ جاڳڻ حضور صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي نقشِ قدم تي ٿئي تہ اهي سمورا ڪم عبادت بڻجي ويندا. نموني ۾ پنج شيون هونديون آهن: (١) ان کي هر طرح مڪمل بڻايو ويندو آهي (٢) ان کي ٻاهرين

غبار کان پاڪ رکيو ويندو آهي(٣) ان کي لڪايو ناهي ويندو (۴)ان جي واڪاڻ ڪرڻ سان صانع (يعني بنائڻ وارو) خوش ٿيندو آهي (۵) ان مان عيب ڪڍڻ تي ناراض ٿيندو آهي .

نبي اڪرم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ۾ اهي 5 ڳالهيون موجود هيون. عالم سڳورا فرمائن ٿا تہ جنهن مومن ۾ اهي وصف جمع ٿي وڃن، حضور صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي اِتّباع، الله عَزَّوَجَلَّ کان اُميد ۽ ربّ عَزَّوَجَلَّ جو گهڻو ذڪر اهو دنيا ۽ آخرت ۾ عيش ۾ رهندو، ڇوتہ ان کي مصيبت ۾ صبر ۽ راحت ۾ شڪر نصيب ٿيندو آهي.

## بهترين راهہ

الله عَزَّوَجَلَّ جي مَحبوب، داناءِ غُيوب، مُنَزَّہٌ عَنِ الْعُيوب صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم پاڻ ارشاد فرمايائون: خَيْرُالْهُدٰى هُدٰى مُحَمَّدٍ يعني بهترين راهہ محمد صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي راهہ آهي۔ (الاحسان بترتيب صحيح ابن حبان،باب الاعتصام بالسنه،ج١،ص١٠۶، الحديث ١٠ ملخّصاً)

## الله عَزَّوَجَلَّ سان محبت جي نشاني

پاڻ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي سُنّتن جي پيروي ايمان جي ڪامل هئڻ ۽ جنّت ۾ پاڻ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو قُرب حاصل ڪرڻ جو ذريعو آهي ۽ هر مسلمان هي خواهش ڪندو تہ هو ان نعمتن سان نوازجي، تنهنڪري ان کي گهرجي تہ پاڻ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي اقوال، افعال، احوال ۽ سيرتِ طَيبہَ جو غور سان مطالعو ڪري پنهنجي زندگي، پاڻ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي اطاعت ۽ پاڻ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي سُنّتن تي عمل ڪندي گذاري.حضرت سيدنا سهل بن عبدالله تُستري رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰي عَلَيه فرمائن ٿا: الله عَزَّوَجَلَّ سان مَحَبَّت جي نشاني قرآنِ پاڪ سان محبت رکڻ

www.dawateislami.net

آهي ۽ قرآنِ پاڪ سان محبت رکڻ جي نشاني حضور سيدِعالم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم سان محبت رکڻ آهي ۽ حضور صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم سان محبت رکڻ جي نشاني پاڻ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي مبارڪ سُنّت سان محبت رکڻ آهي ۽ سُنّتِ مبارڪ سان مَحَبَّت رکڻ جي نشاني آخرت سان محبت رکڻ آهي ۽ آخرت سان محبت رکڻ جي نشاني دنيا کان بغض رکڻ آهي. تفسيرقرطبي ،۶۱/۴،۶۰،پ۳،سورۃآل عمران،تحت الايہ:۳۱

## هڪ اشرفي جي عيوض مِسواڪ خريدي

اسان جا بزرگانِ دين رَحِمَهُمُ اللهُ الْمُبِين حضور سيدِعالم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي سُنّتن سان تمام گهڻي محبت رکندا ها ۽ ان کي ادا ڪرڻ جي لاءِ پنهنجي مال جي بہ پرواهہ نہ ڪندا ها، جيئن حضرتِ سيدُناعبدالوهاب شَعراني رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰي عَلَيه نقل ڪن ٿا : هڪ ڀيري حضرت سيّدنا ابوبڪر شِبلي بغدادي رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰي عَلَيه کي وضو ڪندي وقت مِسواڪ جي ضرورت ٿي، تلاش ڪيائون پر نہ ملي، تنهنڪري هڪ دينار (يعني سون جي هڪ اشرفي) ۾ مسواڪ خريد ڪري استعمال فرمائي، ڪجھ ماڻهن چيو: هي تہ اوهان گهڻو خرچ ڪري وڌو! ايتري مهانگي مسواڪ بہ ورتي ويندي آهي؟ فرمايائون: بيشڪ هي دنيا ۽ ان جون تمام شيون الله عَزَّوَجَلَّ وٽ مڇر جي پر برابر بہ حيثيت ناهن رکنديون، جيڪڏهن قيامت جي ڏينهن الله عَزَّوَجَلَّ مون کان هي پڇا ڪري ورتي تہ ڇا جواب ڏيندس تہ تو منهنجي پياري حبيب جي سنت (مسواڪ) کي ڇو ترڪ ڪيو؟ جيڪو مال ۽ دولت مون تون کي ڏنو هو ان جي حقيقت تہ (مون وٽ) مڇر جي پر برابر بہ ناهي، تہ آخر اهڙي حقير دولت کي ان عظيم سنت (مسواڪ) کي حاصل ڪرڻ لاءِ ڇو نہ خرچ ڪيو وڃي؟ ( مُلَخَّص ازلواقح الانوار ص ۳۸)

www.dawateislami.net

يا مصطفےٰ! گناہوں کی عادتیں نکالو جذبہ مجھے عطا ہو سُنّت کی پیروی کا
اللہ! حُبِّ دنیا سے تُو مجھے بچانا سائل ہوں یا خدا میں عشقِ محمدی کا

## وصال جي وقت به سُنّت تي عمل

حضرت سيدنا ابوبڪر شبلي رَحمَۃُ اللہِ تَعَالٰی عَلَیہ نهايت ئي سُنّت جا پابند هئا، هر هر ڪم سُنّت جي مطابق ڪندا هئا، ايستائين جو وصال (يعني مرڻ) وقت به سُنّت کي نه ڇڏيو جيئن ته حضرتِ سيدُنا عبدالله بن علي تميمي رَحمَۃُ اللہِ تَعَالٰی عَلَیہ بيان ڪن ٿا: مون حضرتِ سيدُنا ابوبڪر شبلي رَحمَۃُ اللہِ تَعَالٰی عَلَیہ جي خدمت گار حضرتِ سيدُنا جعفر بن نُصَير بَڪران دِينُوري رَحمَۃُ اللہِ تَعَالٰی عَلَیہ کان پڇيو: پاڻ حضرتِ سيدُنا شبلي رَحمَۃُ اللہِ تَعَالٰی عَلَیہ جي وصال وقت ڇا ڏٺو؟ فرمايائون: حضرتِ سيدُنا شبلي رَحمَۃُ اللہِ تَعَالٰی عَلَیہ مون کي فرمايو: ڪنهن مظلوم جو هڪ دِرهم مون تي لازمي هو (پر ان جي مالِڪ جي خبر نه هئي) مون ان جي مالڪ جي طرفان هزارين درهم صدقو ڪيا. پوءِ مون کي ان کان وڌيڪ ڪو فڪر لاحِق نه لڳو. پوءِ فرمايائون: مون کي نماز جي لاءِ وُضو ڪرايو. مون انهن کي وُضو ڪرايو، پر ڏاڙهي جو خِلال وسري ويو. اُن وقت سندن زبان بند ٿي چڪي هئي، ته اُنهن منهنجو هٿ پڪڙي منهنجي ڏاڙهي ۾ داخِل ڪيو (ته جيئن آئون سندن جي ڏاڙهي جو خِلال ڪيان) پوءِ اِنتِقال ڪري ويا. هي بيان ڪرڻ بعد حضرتِ سيدُنا جعفر رَحمَۃُ اللہِ تَعَالٰی عَلَیہ روئي پيا ۽ فرمايائون: اوهان ان شخص جي باري ۾ ڇا چئو ٿا، جنهن کان عمر جي آخِري حصّي ۾ به آدابِ شريعت (يعني سُنَنِ مصطفٰي) مان ڪو ادَب نه ڇُٽيو. ( رِساله قشيريه ص٣٣٩ دارُ الڪتبِ العلمية بيروت )

ملے سُنّتوں کا جذبہ میرے بھائی چھوڑیں مولیٰ سبھی داڑھیاں منڈانا مدنی مدینے والے
تِری سُنّتوں پہ چل کر مری رُوح جب نکل کر چلے تُو گلے لگانا مَدنی مدینے والے

www.dawateislami.net

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!اوهان مُلاحَظہ فرمايو تہ اسان جا بزرگانِ دين رَحِمَهُمُ اللہُ المُبِين عبادتِ الٰهي ۽ سُنّتِ رسول جا ڪيتري قدَر پابند ها. نزع جون سختيون بہ انهن جي دلين مان اِتّباعِ سُنّت جو جذبو گهٽ نہ ڪري سگهيون، جنهن جي ڪري اهي الله عَزَّوَجَلَّ جي عطا سان اهڙي بلند مقام تي فائز ٿيا جو عالمِ اِسلام انهن کي پنهنجو امام تسليم ڪيو ۽ قيامت تائين ايندڙ مسلمان انهن کي خراجِ عقيدت پيش ڪندا رهندا. جڏهن قِيامت قائم ٿيندي، 50 هزار سالن جو ڏينهن هوندو، آسمان ٽٽي پوندو، تارا ڪري پوندا، چنڊ ۽ سج بي نُور ٿي ويندا، زمين ٽامي جي ٿيندي، بُک جي شدّت سبب پيٽ چيلهہ سان لڳل هوندو، اڃ سا زبان سُڪي ڪري ڪنڊو ٿي رهي هوندي، ماڻهو پنهنجي پگهر ۾ غوطا کائي رهيا هوندا، ڪو ڪنهن جو پُرسانِ حال نہ هوندو، ماءُ پيءُ، پٽ ڌيءُ، ڀيڻ ڀاءُ زال مڙس، دوست يار، ڪو ڪنهن جي ڪم نہ ايندو، اهڙي عالَم ۾ جن سعادت مندن دنيا جي ڪجهہ ڏينهن جي فاني زندگي ۾ پياري آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللہُ تَعَالٰی عَلَيْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جون سُنّتون اپنايون هونديون، مٽجندڙ ۽ ختم ٿيندڙ سُنّتن تي عمَل ڪيو هوندو، تہ اِنْ شَآءَاللہ عَزَّوَجَلَّ اُنهن کي قيامت جي ڏينهن مغفرت ۽ جنّت ۾ داخلي جي خوشخبري ٻڌائي ويندي، جيئن تہ

دعوتِ اسلامي جي اِشاعتي اِداري مڪتبة المدينہ جي شايع ٿيل 88 صفحن تي مشتمل ڪتاب "سايۂ عرش ڪس ڪس کو ملے گا؟" صفحي 55 تي حديثِ پاڪ منقول آهي تہ حضرتِ سيدُنا اَنَس بن مالڪ رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہ کان روايت آهي تہ اُمُّ المؤمنين حضرتِ سيدَتُنا عائشہ صِدّيقہ رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہا بارگاهِ رِسالت مآب (صَلَّى اللہُ تَعَالٰی عَلَيْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم) ۾ عرض ڪيو: يارسول الله صَلَّى اللہُ تَعَالٰی عَلَيْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم! جنّت جي وادين ۾ الله عَزَّوَجَلَّ جي رحمت ويجهو (يعني قرب ۾) ڪير هوندو؟ سرڪارِ والا تَبار، اسان بيڪسن جي مددگار، شفيعِ روزِ شُمار، حبيبِ پروردگار صَلَّى اللہُ تَعَالٰی عَلَيْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن

www.dawateislami.net

ارشاد فرمايو: جيڪو منهنجي سُنّت کي زنده ڪري ۽ منهنجي پريشان اُمَّتيءَ جي تڪليف پري ڪندو. اهي سُنّتون انهن کي تمام مصيبتن کان بچائي جنّت ۾ ڪٺي ويندون.

خُلد میں ہوگا ہمارا داخِلہ اِس شان سے یَا رَسُوْلَ اللہ کا نعرہ لگاتے جائیں گے

## مِسواڪ جي فضيلتن بابت حديث سڳوريون

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! حڪيم الامت مفتي احمد يار خان رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰي عَلَيْه فرمائن ٿا ته مِسواڪ جي معني مَلڻ، مِسواڪ ڏندن کي مهٽڻ جو آلو. شريعت ۾ مِسواڪ اها ڪاٺي آهي جنهن سان ڏند صاف ڪيا ويندا آهن. سُنّت هي آهي ته هي ڪنهن گل يا ميويدار وڻ جي نه هجي، ڪَوڙي وڻ جي هجي، ٿولهه چيچ (يعني سڀ کان ننڍي آڱر) جي برابر هجي، ڊيگهه گراٺ کان وڌيڪ نه هجي، ڏندن جي ويڪرائي ۾ ڪيو وڃي ڊيگهه ۾ نه ڪيو وڃي، بنا ڏند وارو انسان ۽ عورتون آڱر گهمائي وٺن. عورتن جي لاءِ مستحب هي آهي ته مِسواڪ بدران سڪڙا، مساڳ استعمال ڪن، آڱر سان ڏند صاف ڪن، ڇوته انهن جون مهارون ڪمزور هونديون آهن. مِسواڪ هنن وقتن تي سُنّت آهي: وُضو ۾، قرآن شريف پڙهڻ وقت( يعني اڳ ۾)، ڏند ڦڪا ٿيڻ تي، بُک، يا دير تائين خاموشي، يا بي خوابي جي ڪري وات مان بُو اچڻ تي. (مراة المناجيح ١/٢٧٨،٢٧٤)

مِسواڪ نهايت اهم سُنّت آهي ۽ ان تي عمل ڪرڻ جو تمام گهڻو تاڪيد ڪيو ويو آهي. جيئن

حضرتِ سيدنا ابنِ عباس رَضِيَ اللهُ تَعَالٰي عَنْهُمَا کان روايت آهي ته نور جي پيڪر، تمام نبين جي سَروَر، ٻنهي جهان جي تاجوَر، سلطانِ بَحرو بَر صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: بيشڪ مون کي مِسواڪ جو ايتري قدر حڪم ڏنو ويو جو مون کي

www.dawateislami.net

انديشو ٿيو، ڪٿي مِسواڪ جي باري ۾ مون ڏانهن وحي نہ اچي.
(مسند احمد، مسند عبدالله بن العبا س،ج ۱، ص ۶۵۸ ،الحديث ۲۷۹۹)

حضرت سيدنا ابنِ عباس رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُمَا کان روايت آهي تہ هڪ ڀيري ڪنهن حضور نبي ڪريم صَلَّى اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي عرض ڪيو: يارسول الله صَلَّى اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم! جبرئيلِ امين عَلَيهِ السَّلَام اوهان جي بارگاهہ ۾ حاضر ٿيڻ ۾ هن ڀيري وڏي تاخير ڪئي آهي؟ حضور نبي اڪرم صَلَّى اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: تہ اهو تاخير ڇو نہ ڪري، جڏهن تہ منهنجي آس پاس توهان ماڻهو مِسواڪ نٿا ڪيو، پنهنجا ننهن نٿا ڪٽيو، پنهنجون مُڇيون نٿا ڪٽايو ۽ پنهنجي آڱرين جي جڙن کي صاف نٿا ڪيو. (مسند امام احمدحنبل۵/۱۰۴الحديث۲۰۷۲)

حضرت سيدنا ابو اُمَامہ رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ کان روايت آهي تہ الله عَزَّوَجَلَّ جي مَحبوب، داناءِ غُيوب، صَلَّى اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: مِسواڪ ڪيو ڇوتہ مِسواڪ ۾ وات جي پاڪيزگي ۽ ربّ عَزَّوَجَلَّ جي رِضا آهي، جڏهن بہ جبرائيل عَلَيه السَّلَام مون وٽ آيو اُنهن مون کي مِسواڪ ڪرڻ جي وصيت ڪئي ايستائين جو مون کي انديشو ٿيو تہ ڪٿي هي مون تي ۽ منهنجي اُمت تي فرض نہ ٿي وڃي ۽ جيڪڏهن مون کي پنهنجي اُمت جو مشقت ۾ پوڻ جو خوف نہ هجي ها تہ مان انهن تي مِسواڪ ڪرڻ فرض ڪيان ها ۽ بيشڪ مان ايتري قدر مِسواڪ ڪيان ٿو جو مون کي خوف آهي تہ ڪٿي پنهنجا اڳيان وارا ڏند زائل نہ ڪري وٺان. (سنن ابن ماجه ،ڪتاب الطهارة، باب السواڪ ،۱/۱۸۶،لحديث۲۸۹)

اميرُ المؤمنين حضرتِ سَيدُنا علي المرتضيٰ ڪَرَّمَ اللهُ تَعَالٰی وَجْهَهُ الْكَرِيْم جي روايت ۾ آهي تہ هر وُضو سان مِسواڪ ڪرڻ جو حڪم ڏيان ها (يعني فرض ڪيان هان ۽ بعض روايتن ۾ لفظ فرض بہ آيو آهي) . (المعجم الاوسط،۱/ ۳۴۱ الحديث: ۱۲۳۸،المستدرڪ۱/۳۶۴ الحديث: ۵۳۱)

حضرت سَيِدُنا ابُوهريره ۽ زيد بن خالد جُهني رَضِيَ اللهُ تَعَالٰي عَنْهُمَاجي روايت ۾ آهي ته هر نماز ۾ مِسواڪ ڪرڻ جو حڪم ڏيان ها۔(جامع الترمذي، ابواب الطهارة، باب ما جاء في السواڪ، ١/١٠٠، الحديث:٢٣،٢٢)

يعني هي فرض ڪيان ها جو بغير مِسواڪ نماز ئي نه ٿئي ها. معلوم ٿيو ته الله تعاليٰ حضور نبي ڪريم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي احڪامن جو مالڪ بڻايو آهي جيڪو چاهين فرض ڪن چاهين نه ڪن. (مراة المناجيح ١/٢٨٠ملتقطاً)

حضرت سيدنا ابو هريره رَضِيَ اللهُ تَعَالٰي عَنْه فرمائن ٿا ته جڏهن ڪان مون حضور صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو هي فرمان ٻڌو آهي، مان سمهڻ ڪان پهريان، بيدار ٿيڻ ڪان بعد ۽ ڪاڌو ڪائڻ ڪان پهريان مِسواڪ ڪيان ٿو. (شعب الايمان ٢٧٨/٤الحديث ٢٥١٦)

حضرت سيدناابوهريره رَضِيَ اللهُ تَعَالٰي عَنْهڪان روايت آهي ته صحابه ڪرام عَلَيهِمُ الرِّضْوَان ڪنن تي مِسواڪ رکندا ها ۽ هر نماز جي وقت مِسواڪ ڪندا ها.

( بذل المجهود:1/3)

حضرت سيدنا زيد بن خالد جهني رَضِيَ اللهُ تَعَالٰي عَنْه جي باري ۾ اچي ٿو ته مسجد ۾ نماز جي لاءِ ائين ايندا ها جو انهن جي مِسواڪ سندن ڪن تي هوندي هئي، جيئن مُنشيءَ جي ڪن ۾ قلم، جڏهن به نماز لاءِ بيهندا ها ته مِسواڪ ڪندا ها، پوءِ اتي ئي مِسواڪ رکي لاهيندا ها. (مراة المناجيح ١/٢٨٠)

حضرت سيدنا امام عبدالوهاب شعراني رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰي عَلَيه ارشاد فرمائن ٿا ته اسان کان عهد ورتو ويو آهي ته هر وضو ڪرڻ ۽ هر نماز پڙهڻ ڪان پهريان پابندي سان مِسواڪ ڪريو، جيتوڻيڪ اسان مان گهڻن کي (اُن جي هيڏانهن هوڏانهن ٿي وڃڻ جي خوف سبب) ان کي پنهنجي ڳچي ۾ ڌاڳي سان ٻڌڻو پوي يا عمامي سان گڏ ٻڌڻو پوي جڏهن ته عمامو فقط سر بند تي هجي ۽ جيڪڏهن ٽوپي هجي ته

www.dawateislami.net

اسان ان تي مضبوطي سان عمامو ٻڌنداسين ۽ مِسواڪ کي ڪابي ڪن جي طرف عمامي ۾ لڳائي ڇڏينداسين.
(العهود المحمديه، قسم الماموارت، ١/١٦،عمامه کے فضائل ص402)

حضرت سيدنا ابوايوب رَضِیَ اللہ تَعَالٰی عَنۡہ کان روايت آهي ته حضور سيدِ عالم صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن فرمايو ته 4 شيون پيغمبرن جي سُنّتن مان آهن: (١) شرم (٢) عطر لڳائڻ (٣) مِسواڪ ۽ (۴) نڪاح. (جامع ترمذي ۴/۲۵۴حديث١٠٠٠)

خيال رهي ته هتي 4 جو عدد حصر (يعني محدود ڪرڻ) جي لاءِ ناهي ٻيون به نبين جون گهڻيون سُنّتون آهن جن مان هي چار به آهن. (مراة المناجيح ١/٢٧٨)

حضرت سيدنا ابوامامه رَضِیَ اللہ تَعَالٰی عَنۡہ کان مروي آهي ته رسولِ اڪرم، شهنشاهِ اُمم صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن فرمايو ته مون وٽ جبرئيل عَلَیۡہِ السَّلَام جڏهن به (سُنّتن جي تعليم ڏيڻ جي لاءِ) آيا، ته مون کي مِسواڪ ڪرڻ جو چيائون (سندن هر هر عرض جي سبب) آئون ڊنس ته ڪٿي پنهنجي وات جي اڳين حصي کي ڇلي نه وٺان. (مشکوة المصابيح ١/١٢٣الحديث٣٨٦)

حضرت سيدنا انس رَضِیَ اللہ تَعَالٰی عَنۡہ کان روايت آهي ته حضور نبي اڪرم صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن فرمايو: مون توهان کي مِسواڪ جي باري ۾ گهڻو چيو. (صحيح البخاري ٣/۴٠٦الحديث٨٣٩) يعني بار بار ۽ هر طرح توهان کي مِسواڪ جي رغبت ڏني ته ڪڏهن ان جا ديني فائدا بيان ڪيا ۽ ڪڏهن دنيوي، ۽ هميشه ان تي عمل ڪري ڏيکاريو ته جيئن توهان به هميشه مِسواڪ ڪريو.ان مان معلوم ٿيو ته مِسواڪ ڪرڻ فرض ناهي نه ته روشِ بيان (يعني بيان ڪرڻ جو انداز) ڪجهه ٻيو هجي ها. (مراة المناجيح ١/٢٧٩)

هڪ حديثِ پاڪ جي شرح ۾ فرمايو: يعني ان ۾ دِين ۽ دُنيا جي ڀلائي

آهي. خيال رهي ته مِسواڪ مان مسلمان جو مِسواڪ ڪرڻ عبادت جي نيت سان مراد آهي، ڪافر جي مِسواڪ ۽ مسلمانن جي عادتًا مِسواڪ جيتوڻيڪ وات ته صاف ڪري ڇڏيندي، پر رِضاءِ الٰهي جو ذريعو نه بڻجندي، ۽ جيتوڻيڪ مِسواڪ ۾ دُنيوي ۽ دِيني گهڻا فائدا آهن، پر هتي صرف ٻه فائدا بيان ٿيا. يا ان ڪري جو هي نهايت اهم آهي يا ٻيا فائدا به ان ٻنهي ۾ داخل آهن. وات جي صفائي سان معدي جي قوّت ۽ بي شمار بيمارين کان نجات آهي ۽ جڏهن ربّ عَزَّوَجَلَّ راضي ٿي ويو ته پوءِ ڇا باقي رهجي ويو. (مراة المناجيح ۱/۲۷۷)

## ملائڪ وات تي وات رکندا آهن

حُضُورِ اڪرم ،نورِ مجسّم ،شاه بني آدم ،رسولِ مُحتَشَم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ارشاد فرمايو:" جڏهن توهان مان ڪو نماز جي لاءِ بيهي ته ڪيس گهرجي ته ڏندڻ ڪري وٺي ڇو ته جڏهن هو پنهنجي نماز ۾ قراءَت ڪندو آهي ته فرشتو پنهنجو وات ان جي وات تي رکي ڇڏيندو آهي ۽ جيڪا شيءِ ان جي وات مان نڪرندي آهي اها فرشتي جي وات ۾ داخل ٿي ويندي آهي." (ڪنزالعمال ج9 ص 319)

۽ طبرانيءَ ڪبير ۾ حضرت سيّدُنا ابو ايوب انصاري رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ کان روايت ڪئي آهي ته ٻنهي فرشتن تي ان کان وڌيڪ ڪا به شيءِ ڏکي ناهي جو اهي پنهنجي ساٿيءَ کي نماز پڙهندي ڏسن ۽ ان جي ڏندن ۾ کاڌي جا ذرا ڦاٿل هجن." ( مُعجم الکبير ج ۴ ص ۱۷۷)

حضورسيدِ عالم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ڪنهن نماز جي لاءِ تشريف نه کڻي ويندا ها ايستائين جو مِسواڪ نه ڪري وٺن. (المعجم الکبير ۱۵۲/۵، الحديث: ۴۴(۲۵۳)

اُمُّ المؤمنين حضرت سيدتنا عائشه صديقه رَضِيَ الله تَعَالٰي عَنْها فرمائن ٿيون ته منهنجي سرتاج، صاحبِ معراج، حضورنبي اڪرم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ٻاهر کان

جڏهن گهر ۾ تشريف وٺي ايندا ها تہ سڀ کان پهريون ڪم مِسواڪ ڪرڻ هوندو هو. (صحيح مسلم ص١٥٢ ،الحديث: ۴۴(٢٥٣)

حضرت علامہ ابنِ حجر رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰي عَلَيه فرمائن ٿا تہ هر ماڻهو جي لاءِ اهو تاڪيد آهي تہ هو جڏهن گهر ۾ داخل ٿئي تہ ان کي کپي تہ هو سڀ کان پهريان مِسواڪ ڪري ڇوتہ ان سان وات ۾ گهٽي خوشبو پيدا ٿيندي آهي، جنهن سان گهر وارن سان حُسنِ سُلوڪ ۾ اضافو ٿيندو آهي. (مرقاة المفاتيح ٢/٣٠٠)

مُفسِّرِشهير، حڪيمُ الاُمَّت مفتي احمد يارخان رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰي عَلَيه هن حديث سڳوري تحت فرمائن ٿا: معلوم ٿيو تہ مِسواڪ وضو کان علاوه بہ ڪرڻ گهرجي، مِسواڪ جا ستّر (70) فائدا آهن، جن مان هڪ هي آهي تہ ان کي (يعني مِسواڪ ڪرڻ واري کي) مرڻ وقت ڪلمو نصيب ٿيندو آهي، هي ”پائيريا“ (مهارن مان پونءِ(گند) اچڻ جي بيماري) کان محفوظ رکندي آهي، گنده دَهني (يعني وات جي بدبُو) پري ڪندي آهي، ڏندن ۽ معدي کي قوي ڪندي آهي، اکين ۾ روشني ڏيندي آهي ۽ آفيم ۾ ستّر (70) بُرائيون آهن: جن مان هڪ هي آهي تہ ان سان خرابيءَ خاتمہ (بُري خاتمي) جو انديشو آهي. (مراة المناجيح ١/٢٧٥)

مفتي احمد يارخان رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰي عَلَيه هڪ ٻي هنڌ تي فرمائن ٿا: موت جي وقت ميت کي وضو، مِسواڪ ڪرائڻ، خوشبو لڳائڻ مستحب آهي، ان سان سڪرات (جان نڪرڻ ۾) آساني ٿيندي آهي، بلڪ جيڪڏهن ممڪن هجي تہ ان وقت ان کي غسل ڪرايو، عمده ڪپڙا پارايو، جيڪڏهن تي سگهي تہ هو 2 رڪعت نفل "نمازِوداع" جي نيت سان پڙهي، هي ڳالهيون حضرت سلمان فارسي،حضرت خبيب ۽ حضرت سيده فاطمةُ الزهرا رَضِيَ اللهُ تَعَالٰي عَنْهُم کان منقول آهن تہ انهن وفات وقت اهي عمل ڪيا. (مراة المناجيح٢/۴٢٥)

www.dawateislami.net

هڪ روايت ۾ آهي ته" جيڪا نماز مِسواڪ ڪري پڙهي وڃي، اها ان نماز کان جيڪا بي مِسواڪ پڙهي وئي ،ستّر (70) حصّا افضل آهي.
(شعب الإيمان، ۳/۲۶،الحديث: ۲۷۷۴)

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** ستّر(70) جو عدد تمام وڏيڪ (گهڻي ثواب جو بيان ڪرڻ) جي لاءِ آهي، جيئن چيو ويندو آهي پنجاهه دفعا، سو دفعا. ڪجهه علماء فرمايو آهي ته ڪڏهن سُنّت جو ثواب فرض ۽ واجب کان وڏي ويندو آهي. ڏسو جماعت پنج ڳاڻه نماز جي لاءِ واجب آهي ۽ جمعو ۽ عيدين جي لاءِ فرض، پر ان جو ثواب ستاويهه (27) دفعا وڏيڪ ۽ مِسواڪ سُنّت آهي ۽ ان جو ثواب ستّر(70) ڳُڻا. ائين ئي سلام ڪرڻ سُنّت ۽ جوابِ سلام فرض، پر سلام جو ثواب جواب کان وڏيڪ آهي ۽ ٿي سگهي ٿو ته جماعت جا ستاويهه (27) درجا اهڙا هجن، جنهن جو هر درجو مِسواڪ جي 70 درجن جي برابر هجي. (مراة المناجيح ۱/۲۸۰)

حضرت سيدنا جابر رَضِيَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ کان روايت آهي ته نور جي پيڪر، شاهه بحر وبر صَلَّى اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: 2 رڪعتون جيڪي مِسواڪ ڪري پڙهيون وڃن، افضل آهن بي مِسواڪ جي 70 رڪعتن کان.(الترغيب والترهيب۱/۱۰۲، الحديث: ۱۸)

اُمّ المؤمنين حضرت سيدتنا عائشه صديقه رَضِيَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهَا فرمائن ٿيون: 10 شيون فطرت مان آهن (يعني ان جو حُڪم هر شريعت ۾ هو) مُڇون ڪتڻ، ڏاڙهي وڌائڻ، مِسواڪ ڪرڻ، نڪ ۾ پاڻي وجهڻ، ننهَن ڪتڻ، آڱرين جي ڇنٽيون ڌوئڻ، بغل جا وار ڪتڻ، زيرِ ناف وار ڪوڙڻ، اِستنجا ڪرڻ، ڳُرڙي ڪرڻ.
(صحيح مسلم، ص۱۵۴، الحديث: ۲۶۱)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

www.dawateislami.net

## ڪتاب ”گُلدستۂ دُرُود و سلام“ جو تعارُف

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! دُرُودِ پاڪ جون برڪتون حاصل ڪرڻ جي لاءِ مڪتبة المدينہ جو شايع ٿيل 660 صَفحن تي مشتمل ڪتاب”گلدستۂ دُرُود وسلام“ جو مُطالعو ڪريو. اَلْحَمْدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ هن ڪتاب ۾ دُرُودِ پاڪ جي فضيلتن ۽ برڪتن تي مشتمل احاديثِ مُبارَڪ، بُزرگانِ دين جا قول، دلچسپ واقعا ۽ ٻيا بہ ڪوڙ مدني گل پنهنجي خُوشبو مهڪائي رهيا آهن. تنهنڪري اڄ ئي هن ڪتاب کي مڪتبةُ المدينہ جي بستي تان هَدِيةً طلب فرمائي پاڻ هن جو مُطالعو ڪيو ۽ ٻين اسلامي ڀائرن کي بہ هن جي ڀرپور ترغيب ڏياريو. دعوتِ اسلامي جي ويب سائٽ www.dawateislami.net تان هن رسالي کي رِيڊ (يعني پڙهي) بہ سگهجي ٿو، ڊاؤن لوڊ (Download)۽ پرنٽ آؤٽ (Print Out) بہ ڪري سگهجي ٿو.

## مجلسِ تراجم!

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اَلْحَمْدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ دعوتِ اسلامي جو هڪ شعبو ”مجلسِ تَراجِم“ بہ آهي، جيڪو اميرِ اهلسُنَّت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه ۽ مڪتبةُ المدينہ جي ڪتابن ۽ رسالن جو مُختلف زَبانن ۾ ترجمو ڪرڻ جي خِدمت سَر اَنجام ڏئي رهي آهي ، هن وقت مجلس تراجم جي تحت 36 زبانن ۾ ترجمي جو ڪم هلي رهيو آهي، تہ جيئن اُردو پڙهڻ وارن سان گڏوگڏ دُنيا جون ٻيون زبانون ڳالهائڻ وارا ڪروڙين ماڻهو بہ فيضياب ٿي سگهن ۽ انهن جو بہ هي مدني ذِهن بڻجي تہ مون کي پنهنجي ۽ سڄي دُنيا جي ماڻهن جي اِصلاح جي ڪوشش ڪرڻي آهي. اِنْ شَآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ۔

www.dawateislami.net

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## روزي جي حالت ۾ هر وقت مِسواڪ جي اجازت

اُمُّ المؤمنين حضرت سيدتنا عائشہ صديقہ رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهَا کان روايت آهي تہ حضور نبي ڪريم صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ارشاد فرمايو: مِنْ خَيْرِ خِصَالِ الصَّائِمِ السِّوَاكُ يعني روزيدار جي چڱي صفت مِسواڪ ڪرڻ آهي. (ابن ماجه ۱۸۸/۵الحديث۱۶۶۷)

حضرت سيدنا عامر بن ربيعہ رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْه فرمائن ٿا تہ: مون حضور سيدِ عالم صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي روزي جي حالت ۾ مِسواڪ ڪندي ايتري ڀيرا ڏٺو آهي جو مان شمار نٿو ڪري سگهان. (بخاري ،۶۳۷/۱،حديث :۱۹۳۳)

حضرت سيدنا عبدالرحمٰن بن غنم رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْه کان روايت آهي تہ انهن حضرت سيدنا معاذ بن جبل رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْه کان پڇيو: ڇا مان روزي جي حالت ۾ مِسواڪ ڪري سگهان ٿو؟ فرمايائون جي ها، مون عرض ڪيو: ڪهڙي وقت؟ فرمايائون: ڏينهن جي ڪنهن بہ وقت صبح هجي يا شام. مون چيو: ماڻهو شام جي وقت مِسواڪ ڪرڻ کي ناپسند ڪن ٿا ۽ دليل طور چون ٿا تہ رسول الله صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: روزيدار جي وات جي خوشبو الله عَزَّوَجَلَّ وٽ مُشڪ کان وڌيڪ پاڪيزه آهي. فرمايائون: سُبْحٰنَ الله عَزَّوَجَلَّ! حضور نبي ڪريم صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم مِسواڪ جو حڪم ڏنو ۽ پاڻ صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم چڱي نموني سڃاڻيندا ها تہ روزيدار جي وات ۾ خوشبو ضرور رهندي آهي، جيتوڻيڪ مِسواڪ ڪري ۽ هن ڳالھ جو حڪم نہ ڏيندا ها تہ قصداً وات کي بدبودار رکو. ان ۾ ڪا ڀلائي نہ آهي، بلڪ ان ۾ قباحت آهي پر هي تہ ماڻهو ڪنهن مصيبت ۾ مبتلا هجي ۽ ان کان علاوه ٻيو ڪو چارو ناهي تہ ٻي ڳالھ آهي. (نصب الراية لاحاديث الهداية ۴۵۹/۲)

www.dawateislami.net

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! معلوم ٿيو ته روزي جي حالت ۾ به مِسواڪ ڪري سگهجي ٿي.

## مِسواڪ جي باري ۾ صحابہ ڪرام بزرگانِ دين جا فرمان

### مِسواڪ جون 10 خوبيون

حضرت سيدنا ابن عباس رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہُمَا کان روايت آهي ته مسواڪ ۾ ڏهه خوبيون آهن: وات کي صاف ڪري ٿي، مهارن کي مضبوط ڪري ٿي، نظر تيز ڪري ٿي، بلغم ختم ڪري ٿي، وات جي ڌپ ختم ڪري ٿي، سنّت جي موافق آهي، ملائڪ خوش ٿين ٿا، ربّ عَزَّ وَجَلَّ راضي ٿئي ٿو، نيڪي کي وڌائيندي ۽ معدي کي درست ڪندي آهي. (جَمْعُ الْجَوامِعِ لِلسُّيوطي ج۵ ص۲۴۹حديث ۱۴۸۶۷)

### مِسواڪ دين جي سُنتن مان آهي

حضرت سيدنا امام اعظم ابو حنيفہ نُعمان بن ثابترَضِيَ الله تَعَالٰي عَنْه کان منقول آهي ته اِنَّ السِّوَاكَ مِنْ سُنَنِ الدِّيْنِ مِسواڪ دِين جي سُنّتن مان آهي.

(عمدة القاري شرح البخاري ڪتاب الجمعة،باب السواڪ...الخ تحت۶ /۲۶۱،حديث ۸۸۷)

حضرت سيّدنا امام شافعي عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللهِ الْقوِي فرمائن ٿا: چار شيون عقل وڌائينديون آهن: فضول ڳالهين کان پرهيز، مِسواڪ جو استعمال، نيڪ ماڻهن جي صحبت ۽ پنهنجي علم تي عمل ڪرڻ. (اِحياءالْعُلوم ج ۳ص۲۷)

### مِسواڪ اهم ترين شيءِ آهي

اِمامُ الْمُحَدِّثِين، امامُ الاولياء حضرت سَيدُنا عبدالله بن مبارڪ رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہ فرمايايو: جيڪڏهن ڪنهن وسنديءَ وارا سڀ جا سڀ سُنّت"مِسواڪ" ڇڏي ڏين ته اسان انهن سان اهڙي طرح جنگ ڪنداسين جيئن مُرتَدِّين (يعني دِين کان ڦري وڃڻ وارن) سان ڪيون ٿا ته جيئن ماڻهن کي مسواڪ جي سُنّت ڇڏي ڏيڻ

www.dawateislami.net

جي جسارت نہ ٿئي، جڏهن تہ هي اسلام جي احڪامن مان هڪ حڪم آهي.
(فتاوي رضويه ۱/۵۷)

## عورتن جي لاءِ مسواڪ ڪرڻ چا آهي؟

اُمُّ المؤمنين حضرت سيدتنا عائشہ صديقہ رَضِیَ اللّٰہ تَعَالٰی عَنْھَا کان روايت آهي تہ حضور نبي ڪريم صَلَّی اللّٰہ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم مِسواڪ ڪرڻ ۽ ڌوئڻ جي غرض سان مون کي عطا ڪندا ها تہ پهريان اها مِسواڪ (حصولِ برڪت جي لاءِ) مان پاڻ استعمال ڪندي هئس ۽ ان کان پوءِ ڌوئي ڪري پاڻ سڳورن صَلَّی اللّٰہ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي بارگاهہ ۾ پيش ڪندي هئس. (ابوداؤد ۱/۵۲،حديث:۵۲)

اعليٰ حضرت عَلَيه رَحمَةُ رَبِّ العِزَّت ارشاد فرمائن ٿا: مِسواڪ عورتن جي لاءِ اُمُّ المُؤمنين حضرت عائشہ صدِّيقہ رَضِیَ اللّٰہ تَعَالٰی عَنْھَا جي سُنّت آهي، پر جيڪڏهن اهي نہ ڪن تہ حرج ناهي. انهن جا ڏند ۽ مهارون مردن جي بہ نسبت ڪمزور هوندا آهن مِسّي (يعني هڪ قسم جو ڏندڻ) ڪافي آهي. (ملفوظات اعليٰ حضرت ص357)

صَلُّوا عَلَی الْحَبِیب! صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## هفتيوار مدني مذاڪرو

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! خوفِ خدا ۽ عشقِ مُصطَفيٰ جي لازوال دَولَت حاصل ڪرڻ ۽ گناهن جي بيماري کان شِفا ماڻڻ جي لاءِ دعوتِ اسلامي جي مَدَني ماحول سان هر دم وابستہ رهو ۽ ذيلي حلقي جي 12 مَدَني ڪمن ۾ وڌ کان وڌ حصّو وٺو. ذيلي حلقي جي 12 مدني ڪمن مان هڪ مدني ڪم هفتيوار”مدني مُذاڪري“ ۾ شِرڪت ڪرڻ بہ آهي. ياد رکو! وَعظ ۽ نصيحت جي لاءِ اِجتماعات مُنعَقِد ڪري انهن ۾ ماڻهن جي اِصلاح جي نِيت سان عِلم ۽ حڪمت ڀريا مَدَني گل پيش ڪرڻ، بُزرگانِ دِين رَحِمَھُمُ اللّٰہُ الْمُبِین جو طريقو رهيو آهي. منقول آهي تہ اسان جا پيرانِ پير، پيرِ دَستَگير حضرت سَيدُنا شيخ مُحي الدّين سَيدعبدُالقادر جيلاني رَحمَۃُ اللّٰہِ تَعَالٰی عَلَیہ 521هہ کان 561هہ تائين چاليهہ (40) سال مخلوق

ڪي وعظ ۽ نصيحت فرمائي۔ (بهجة الاسرار،ص۱۸۴) ۽ پاڻ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰي عَلَيه خُود ارشاد فرمائن ٿا: منهنجي هٿ تي پنج سو (500) ڪان وڌيڪ غير مُسلمن اِسلام قَبول ڪيو ۽ هڪ لک (100000) ڪان وڌيڪ ڌاڙيل، چور، فاسق ۽ فاجر، فَسادي ۽ بدعتي ماڻهن توبہ ڪئي. (بهجةالاسرار، ص۱۸۴) شيخِ طريقت، اميرِ اهلسنَّت دَامَت بَرَكَاتُهُمُ العَالِيَه بہ مدني مُذاڪرن جي ذَرِيعي وَعظ ۽ نصيحت جا مَدَني گل عام ڪندا رهندا آهن. اَلْحَمْدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ مدني مُذاڪرا نہ صِرف اَهم معلومات حاصل ڪرڻ جو ذَريعو آهن بلڪ انهن جي بَرَڪت سان گهڻن ماڻهن جي اِصلاح بہ ٿيندي آهي ۽ ڪيئي بدعقيده ۽ بي عمل ماڻهو پنهنجن بُرن عَقيدن ۽ عملن کان توبہ ڪري صَحِيحُ العَقِيده سُنّي، باعمل مُسلمان بڻجي ويندا آهن.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## مسواڪ جو قدردان

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ياد رهي وضو ۾ ڪافي سنّتون آهن ۽ هر سنّت حڪمت جو خزانو آهي. مسواڪ ڪي ئي ڏسو! ننڍي ٻار کي بہ خبر آهي تہ وضو ۾ مسواڪ ڪرڻ سنّت آهي ۽ هن سنّت جي برڪتن جي ڇا ڳالهہ ڪجي؟ اچو! مِسواڪ جي هڪ ايمان افروز مدني بهار بہ ٻڌون! جيئن

هڪ واپاري جو چوڻ آهي: منهنجي سوئيزرليند ۾ هڪ نئين مسلمان سان ملاقات ٿي، مون ان کي تحفي ۾ مسواڪ پيش ڪئي، ان خوش ٿي اها ورتي ۽ چمي اکين سان لڳايائين ۽ هڪدم ان جي اکين مان لڙڪ وهي پيا، ان پنهنجي کيسي مان هڪ رومال ڪڍيو ۽ ان کي کوليو تہ ان مان تقريباً ٻن انچن جي ننڍڙي مسواڪ جو ٽڪرو نڪتو. چوڻ لڳو: منهنجي اسلام قبول ڪرڻ وقت مسلمانن مون کي هي تحفي ۾ ڏنو هو. مان ان کي وڏي احتياط سان استعمال ڪري رهيو هئس، هي ختم ٿيڻ تي هو ۽ مون کي ڳڻتي هئي، هاڻي الله عَزَّوَجَلَّ

ڪرم فرمايو ۽ اوهان مون کي مسواڪ عنايت ڪئي. پوءِ ان ٻڌايو تہ ڪافي عرصي کان مون کي ڏندن ۾ مهارن جي تڪليف هئي، هتان جي ڊينٽِسٽ (ڏندن جي ڊاڪٽر) کان ان جو علاج نہ پئي ٿي سگهيو، مون هن مسواڪ جو استعمال شروع ڪيو، ٿورن ئي ڏينهن ۾ مون کي فائدو ٿي ويو، مان ڊاڪٽر وٽ ويس تہ هو حيران ٿي ويو ۽ پڇڻ لڳو: ”منهنجي دوا سان تنهنجو مرض ايترو جلدي ختم نہ ٿو ٿي سگهي، سوچيو ڪو ٻيو سبب هوندو.“ مون جڏهن ذهن تي زور ڏنو تہ خيال آيو، مان تہ مسلمان ٿي چڪو آهيان ۽ هي سڄي برڪت مسواڪ جي ئي آهي. جڏهن مون ڊاڪٽر کي مسواڪ ڏيکاري تہ هو اچرج (حيرت) ۾ پئجي ويو. ( رسالو وضو ۽ سائنس،ص۵)

## مِسواڪ جا طبّي فائدا

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! مِسواڪ ۾ بيشمار دِيني ۽ دُنيوي فائدا آهن. ان ۾ مُتعدَّد ڪيميائي اَجزاء آهن جيڪي ڏندن کي هر طرح جي بيماري کان بچائن ٿا. حضرتِ سَيدُنا موليٰ عَلي المر تَضٰي، شيرِ خدا ڪَرَّمَ الله تَعَالي وَجْههُ الْكَرِيم، حضرتِ سيدُنا عطاء رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْهُ ۽ حضرتِ عبدالله بن عبّاس رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْهُمَا جو فرمانِ عاليشان آهي: مِسواڪ سان قوّتِ حافِظ وڌي ٿو، مٿي جو سور پري ٿئي ٿو ۽ مٿي جي رَڳن کي سُڪون ملندو آهي، اِن سان بلغم دُور، نظر تيز، معدو دُرُست ۽ کاڌو هضم ٿيندو آهي، عقل وڌي ٿو، ٻارن جي پيدائش ۾ اِضافو ٿيندو، پوڙهائپ دير سان ايندي ۽ پُٺ مضبوط ٿيندي آهي. (ملخّصًاحاشيةُالطّحطاوي ص٣٨)

## مِسواڪ هر بيماري کان شفاء آهي

اُمُّ المؤمنين حضرت سيدتنا عائشہ صديقہ رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْهَا جو فرمان آهي تہ اَلسِّوَاكُ شِفَاءٌ مِنْ كُلِّ دَاءٍ اِلَّا السَّامَ وَالسَّامُ اَلْمَوْتُ يعني مِسواڪ ۾ سام(يعني موت) کان علاوه هر بيماري کان شفا آهي. (ڪنزالعمال،الجزءالتاسع،۵/۱۳۷،حديث:۲۶۱۵۹)

www.dawateislami.net

## مِسواڪ فصاحت وڌائيندي آهي

حضرت سيدنا ابو هريره رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہ کان روايت آهي تہ اَلسِّوَاكُ يَزِيْدُ الرَّجُلَ فَصَاحَةً يعني مسواڪ انسان جي فصاحت کي وڌائيندي آهي. (مسند الشهاب، ۱/۱۶۴، حديث: ۲۳۲)

## 3 شيون حافظو وڌائن ٿيون

اميرُالمؤمنين حضرت سيدنامولىٰ مشڪل ڪشا،علي المُرتضىٰ كَرَّمَ اللهُ تَعَالٰي وَجْهَهُ الْكَرِيْم ارشاد فرمائن ٿا: 3 شيون حافظي جي قوت کي وڌائن ٿيون ۽ بلغم ختم ڪن ٿيون:(۱) مِسواڪ ڪرڻ (۲) روزو رکڻ ۽ (۳) قرآنِ ڪريم جي تلاوت ڪرڻ. (اصلاحِ اعمال ج1ص277)

شيخ الاسلام ،امام برهان الاسلام ،ابراهيم زرنُوجي رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰي عَلَيْه فرمائن ٿا تہ مِسواڪ ڪرڻ بہ بلغم کي ختم ڪري ٿو، حافظي ۽ فصاحت کي وڌائي ٿو. جوتہ مِسواڪ ڪرڻ نهايت ئي پياري سُنّت آهي ۽ ان سان نماز ۽ تلاوتِ قرآن جو ثواب وڌي ويندو آهي. (راہ علم ص61)

حضرت سيدنا ابراهيم نخعي رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰي عَلَيْه جيڪي مشهور جليل القدر تابعي آهن ۽ حضرت سيدنا امامِ اعظم ابوحنيفہ رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہ جي خاص استادن مان آهن، انهن جي باري ۾ منقول آهي تہ هي جيڪو ڪجھ پڙهندا ها سڀ وسري ويندو هو، هڪ رات انهن حضورسيدِ عالم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي خواب ۾ ڏٺو تہ عرض ڪيائون: يارسول الله صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ! جيڪو پڙهان ٿو وسري ويندو آهي، ياد نٿو رهي. پاڻ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: انهن شين جي پابندي ڪريو، گهٽ کائو، گهٽ سمهو، قرآنِ پاڪ جي تلاوت ڪثرت سان ڪريو، ڪثرت سان نماز پڙهو، هر نماز جي لاءِ نئون وضو ڪريو ۽ هر وضو ۾ مِسواڪ ڪريو.

حضرت سيدنا ابراهيم نخعي رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰي عَلَيْه جو بيان آهي تہ جڏهن مان ننڊ مان بيدار ٿيس ۽ حضور سيدِعالم،نورِ مجسّم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي هن وصيت تي

www.dawateislami.net

عمل ڪيو تہ ڪجھ ئي عرصي ۾، مان ماڻھن جو اِمام ۽ پيشوا بڻجي ويس.
(صلاة مسعودي ص۱۰۶)

اُن کے جو غلام ہو گئے    وقت کے اِمام ہو گئے

## واتَ جي ڇالن جو علاج

طبيبن (Doctors) جو چوڻ آهي: بعض اوقات گرمي ۽ معدي جي تَيزابيت سبب وات ۾ ڇالا پئجي ويندا آهن ۽ اِن مرض جي ڪري خاص قسم جا جراثيم وات ۾ ڦيلجي ويندا آهن، ان جي لاءِ وات ۾ تازي مِسواڪ ڪريو ۽ اُن جي لُعاب کي ڪجھ دير تائين وات جي اندر گھمائيندا رهو، ان طرح ڪيئي مريض نيڪ ٿي چڪا آهن.

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! عام طور ڏٺو ويندو آهي تہ اِنسان جي نظر ۾ جنھن شيءِ جي اهميت ۽ افادِيت گھٽي هوندي آهي، اهو ان جي سار سنڀار بہ گھٽي ڪندو آهي، اُن جي تحفظ جي لاءِ اِنتظام ڪندو آهي، ان کي ضائع ٿيڻ يا گُم ٿيڻ کان بچائيندو آهي، اُن کي ماڻڻ جي لاءِ ڪوشش ڪندو آهي، مثال طور موبائل کي ئي ڏسو، پھرين تہ شايد ئي ڪو گھر اهڙو هجي، جنھن ۾ موبائل نہ هجي، بلڪ هڪ گھر ۾ هڪ کان وڌيڪ موبائل هوندا، ان جي سار سنڀار جي لاءِ اِنسان ڪيترو اِهتمام ڪندو آهي، عقلمند ان جو اِستعمال جائز طريقي سان ڪرڻ جي ڪوشش ڪندو آهي، وڌ کان وڌ فائدا حاصل ڪندو آهي، الغرض تہ ان شيءِ جي اهميت ان جي پيشِ نظر هوندي آهي.

اهڙي طرح بي شمار اهڙيون سُنّتون آهن جن جو تعلق اسان جي روزمرّہ جي زندگي سان آهي، جن تي اسان عمل ڪري دُنيا ۽ آخرت جون بي شماربرڪتون ۽ ڀلائيون حاصل ڪري سگھون ٿا. انھن سُنّتن مان هڪ نھايت ئي پياري سُنّتِ مبارڪ "مِسواڪ" بہ آهي، جنھن جون فضيلتون ۽ برڪتون اسان ٻڌي رهيا آهيون، اي ڪاش! اسان کي هن عظيم سُنّت کي اپنائڻ جو

www.dawateislami.net

جذبو نصيب ٿئي.

## مِسواڪ جا اُخروي فائدا

اچو هاڻي مختصراً مِسواڪ جا اُخروي ۽ دُنيوي فائدا ٻڌون ٿا: ★ مِسواڪ ربّ عَزَّوَجَلَّ جي خوشنودي جو ذريعو آهي★مِسواڪ ڪرڻ واري کان ملائڪ خوش ٿيندا آهن ★ مِسواڪ ۾ اِتّباعِ سُنّت آهي★ مِسواڪ نماز جي ثواب کي وڌائيندي آهي★ مِسواڪ ڪرڻ سان شيطاني وسوسا دُور ٿيندا آهن ★ مِسواڪ قبر ۾ مُونِس (اُنس رکڻ واري، ساٿي) آهي ★ مِسواڪ جي برڪت سان قبر وسيع ٿي ويندي آهي ★ مِسواڪ موت جي وقت ڪلمو ياد ڏياريندي آهي★مِسواڪ ڪرڻ واري خوش نصيب جي سڪرات وقت رُوح نڪرڻ ۾ آساني ٿيندي آهي ★ مِسواڪ ڪرڻ واري خوش نصيب سان ملائڪ مصافحو ڪندا آهن ★ مِسواڪ ڪرڻ سان قلب جي پاڪيزگي ٿيندي آهي★مِسواڪ ڪرڻ واري جي لاءِ حاملينِ عرش(يعني عرش کڻڻ وارا ملائڪ) اِستغفار ڪندا آهن ★ مِسواڪ سان گڏ وضو ڪري نماز تي وڃو ته ملائڪ پٺيان هلندا آهن ★ شيطان مِسواڪ جي ڪري پريِ ۽ ناخوش ٿيندو آهي★ مِسواڪ جو اهتمام ڪرڻ وارو پُل صراط تان بجلي جيان گذرندو ★ مِسواڪ ڪرڻ سان اِطاعتِ خداوندي تي همت ۽ قوّت نصيب ٿيندي آهي★ مِسواڪ ڪرڻ واري جي لاءِ جنّت جا دروازا کوليا ويندا آهن ★ مِسواڪ ڪرڻ واري تي دوزخ جا دروازا بند ڪيا ويندا آهن ★ ملڪ الموتعَلَيهِ السَّلَام مِسواڪ ڪرڻ واري جو رُوح ڪڍڻ جي لاءِ، ان صورت ۾ ايندا آهن، جيئن انبياءِ ڪرام ۽ اولياءِ عظام وٽ ايندا آهن ★ مِسواڪ ڪرڻ واري کي حضور نبي ڪريم صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي حوضِ ڪوثر جي رَحِيقِ مَّخْتُوْمٌ (جنّتي شراب) پيئڻ جو شرف حاصل ٿيندو آهي.

## مِسواڪ جا دُنيوي فائدا

*مِسواڪ ۾ وات جي پاڪيزگي آهي* مِسواڪ ۾ موت جي علاوه هر مرض کان شفا آهي* مِسواڪ نگاهه جي روشني وڌائي ٿو * مِسواڪ مهارن کي مضبوط ڪري ٿو * مِسواڪ بلغم کي دُور ڪري ٿو * مِسواڪ جسم کي تندرست رکي ٿو * مِسواڪ حافظي کي قوي ڪري ٿو * مِسواڪ وار قُتائي ٿو * مِسواڪ جسم جو رنگ نِکاري ٿو * هميشه مِسواڪ ڪرڻ سان غربت دُور ٿيندي آهي* مِسواڪ ڪرڻ سان زبان جي فصاحت ودانش(عقلمندي) وڌندي آهي* مِسواڪ کاڌو هضم ڪندو آهي*مِسواڪ جلد پوڙهائپ نٿو اچڻ ڏئي * مِسواڪ چيلهه کي قوي(مضبوط) ڪندو آهي* مِسواڪ عقل کي تيز ڪندو آهي* مِسواڪ چهري کي بارونق بڻائي ٿو * مِسواڪ متي جي سور کي ختم ڪري ٿو * مِسواڪ اضافي مادن جو خاتمو ۽ خارج ڪري ٿو * مِسواڪ ڏاڙ ( هوڙ) جي سور کي دفع ڪري ٿو * مِسواڪ ڏندن کي چمڪدار ڪندو آهي* مِسواڪ ڪثرتِ اولاد جو سبب آهي.

## مِسواڪ جا سائنسي فائدا

مِسواڪ قاتلِ جراثيم آهي. هي وات مان بدبُو کي دُور ڪندو آهي، بعض اوقات کائڻ جا ننڍا ننڍا ذرّا ڏندن جي درميان ڦاسي پوندا آهن، جيڪي معمول مطابق صرف گُرڙي ڪرڻ سان خارج نہ ٿيندا آهن، جنهن سبب ڏندن ۾ بدبُو پيدا ٿي ويندي آهي جيڪا ڪيئي بيمارين جو سبب بڻجندي آهي. مِسواڪ ڪرڻ وارو شخص وات جي بيمارين کان بچيل رهندو آهي. جديد تحقيق جي مطابق ڪجهه اهڙا جراثيم بہ هوندا آهن جيڪي ٽوٿ بُرش ( Tooth Brush) ۽ پيسٽ (Paste) کان پري نہ ٿيندا آهن بلڪ ان کي صرف مِسواڪ کان ئي پري ڪري سگهجي ٿو. طِبّ ۽ ميڊيڪل سائنس ثابت ڪري ڏيکاريو آهي

www.dawateislami.net

تہ مِسواڪ سان دِماغ کي قوّت ملندي آهي ۽ ان سان دِماغ جي صحت برقرار رهندي آهي. مِسواڪ ڪرڻ سان دِماغ بہ تيز ٿيندو آهي ۽ ڊگهي عرصي تائين تندرست رهي سگهي ٿو. جيڪڏهن مِسواڪ سان ڏندن کي صاف نہ ڪيو وڃي تہ ڏند گندا ٿي ويندا آهن. جنهن سان ڇاڙين ۽ مُهارن ۾ پونءِ ٺهجي ويندي آهي، جيڪا دِماغي بيمارين جو سبب بڻجندي آهي . نفسياتي بيماريون بہ ان جي ڪري ٿينديون آهن.

بدبُو دار ڏندن جي ڪري مهارون بہ بدبُو دار ٿي وينديون آهن. مهارن ۾ پونءِ ٿي ويندي آهي، جنهن جو گلي تي بہ اثر ٿيندو آهي ۽ گڏوگڏ کنگهہ، نزلو، زڪام ۽ بخار وغيره جي آمد ٿي ويندي آهي .

مِسواڪ سان ڏند صاف نہ ڪرڻ جي ڪري انساني زندگي برباد ٿي ويندي آهي. زندگي تہ صحت ۽ تندرستي سان آهي، جيڪڏهن انسان تندرست ئي نہ رهي تہ ڇا زندگي؟ مِسواڪ جي بغير گذارو ناهي، بعض ماڻهو گلي جي غُدود (Tansels) جا مريض هوندا آهن. اهڙا مريض باقاعده مِسواڪ جي استعمال سان تندرست ٿي سگهن ٿا.

بعض اهڙا مريض هوندا آهن، جيڪي ڪنن جي وَرم (سوڄ)، پونءِ ۽ درد ۾ مبتلا ٿيندا آهن، مهانگي ڪان مهانگو علاج ڪرائڻ جي باوجود انهن کي ان تڪليف مان نجات نٿي ملي. جڏهن اهڙن مريضن جي چڱي طرح تشخيص (ڇڪاس) ڪئي ويندي آهي تہ معلوم ٿيندو آهي تہ انهن جي مهارن ۾ پونءِ پئجي وئي آهي ۽ سڄو وات بدبُو سان ڀريل آهي . جڏهن مهارن جو علاج ڪيو ويندو آهي ۽ باقاعدگي سان تازه مِسواڪ ڪيو ويندو آهي، تہ گڏ ئي ڪن بہ بلڪل صحت مند ٿي ويندا آهن. اهڙي طرح اکين جي بيمارين ۽ نظر جي بيمارين ۾ ڏندن جي صفائي نہ ڪرڻ جو عمل دخل هوندو آهي . ڪمزور نگاھ جي مريضن ۾ گهڻا مريض اهڙا هوندا آهن، جنهن جي بيماري

www.dawateislami.net

جي ٻين سببن جي علاوه ڏندن جي باري ۾ انهن جي غفلت سڀ کان وڏو سبب هوندو آهي. ماهرن جي تجربن مان هي ڳالهه تحقيق شده آهي تہ تقريباً 80 فيصد بيمارين جو سبب معدي ۽ ڏندن جي نقص جي ڪري ٿيندو آهي. خاص ڪري اڄڪلهه هر ٽيون شخص معدي جي بيمارين ۾ مبتلا آهي. دائمي نزلو ۽ زڪام جا اهڙا مريض جن جي بلغم رُڪجي چڪي هجي، جڏهن هو مِسواڪ ڪندا آهن تہ هو بلغم اندر کان خارج ٿيڻ شروع ٿي ويندي آهي ۽ ائين مريض جو دماغ هلڪو ٿيڻ شروع ٿي ويندو آهي. پٿالوجسٽ حضرات جي تجربي ۽ تحقيق مان هي ڳالهه ثابت ٿئي ٿي تہ دائمي نزلي جي لاءِ مِسواڪ تِرياق(يعني اهڙي دَوا جيڪا زهر جي اثر ڪي بہ ختم ڪري ڇڏي) کان گهٽ ناهي. ايستائين جو مِسواڪ جي مستقل ۽ باقاعده استعمال سان نڪ ۽ گلي جي آپريشن جا موقعا گهٽجي ويندا آهن.

مِسواڪ جي لاءِ هر ان وڻ جي ٽاري مناسب هوندي آهي، جنهن جا ريشا نرم هجن جيڪي ڏندن ۾ وڃي نہ ڪن ۽ مهارن کي نقصان نہ پهچاين. بهترين ۽ اعليٰ مِسواڪ پيلو (ڄار) نِم ۽ ٻبر جي وڻن ۽ ڪنير نالي ٻوٽي مان حاصل ٿيندو آهي. ڄار جي مِسواڪ نرم ريشن وارو ٿيندو آهي. ان ۾ ڪيلشيم ۽ فاسفورس هوندي آهي. اڪثر ڪلراٺي (بنجر زمين) ۽ ويران وبيابان هنڌن تي ٿيندو آهي .

جديد سائنسي ۽ طبّي تحقيق کان اها ڳالهه ثابت آهي تہ مختلف شيون جيڪي دماغ جي خوراڪ ۽ معاون آهن، ان مان هڪ فاسفورس بہ آهي. ڄار جي مِسواڪ ۾ موجود فاسفورس لعاب ۽ مسامن جي ذريعي دماغ تائين پهچندو آهي جنهن جي ذريعي دماغ کي قوت حاصل ٿيندي آهي. نم جي وڻ جي مِسواڪ بہ نهايت مفيد آهي. ان ۾ ڏندن جي مجموعي بيمارين جو علاج آهي. هي وڻ عام هوندو آهي. ان کان بعد پوءِ ٻبر جي مِسواڪ جو درجو آهي.

www.dawateislami.net

ان سان ڏند چڱي طرح صاف ڪري سگھجن ٿا ۽ ھي ڏندن کي تعفن (ڏپ) ۽ پونءِ کان بچائي رکندو آھي .

ياد رھي تہ ممڪن حد تائين مِسواڪ تازہ ھئڻ گھرجي، جيڪڏھن پھريان استعمال شدہ مِسواڪ استعمال ڪرڻي ھجي تہ ان جا پھريان استعمال ٿيل ريشا ڪٽي ڇڏيو ۽ ڏندن سان نئي سِري سان چباڙي ريشا بڻايو.

## ڇا اوھان کي مِسواڪ ڪرڻ اچي ٿو

شيخ طريقت، امير اھلسُنّت حضرت علامہ مولانا ابو بلال محمد الياس عطار قادري رضوي ضيائي دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه پنھنجي مايہ ناز ڪتاب فيضان سُنّت جي باب آدابِ طعَام جي صفحي 294 تي تحرير فرمائن ٿا تہ صحيح طريقي سان ڏندڻ ڪيو وڃي تہ اِنْ شَآءَاللّٰهعَزَّوَجَلَّ ڪڏھن بہ ڏندن جي بيماري نہ ٿيندي، توھان جي دل ۾ تي سگھي ٿو تہ ھي خيال اچي تہ مان تہ سالن کان ڏندڻ ڪري رھيو آھيان پر منھنجا ڏند ۽ پيٽ بئي خراب آھن، منھنجا سادا اسلامي ڀاءُ! ھن ۾ ڏندڻ جو نہ توھان جو پنھنجو ئي قصور آھي، مان سگِ مدينہ عُفِيَ عَنْهُ ھن نتيجي تي پھتو آھيان تہ اڄ شايد لکن مان ڪو ھڪ اڌ ئي اھڙو ھوندو جيڪو صحيح اصولن جي مطابق ڏندڻ استعمال ڪندو ھجي! اسان اڪثر جلدي جلدي ۾ ڏندن تي ڏندڻ ھٽي وضو ڪري ھليا ويندا آھيون، يعني ھيئن چئون تہ اسان ڏندڻ نہ بلڪ "ڏندڻ جي رسم" ادا ڪندا آھيون.

صَلُّوْاعَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو !** بيان کي ختم ڪندي سنّت جي فضيلت ۽ ڪجھ سنّتون ۽ آداب بيان ڪرڻ جي سعادت حاصل ڪيان ٿو، تاجدار رسالت، شھنشاھِ نُبُوَّت، مصطفيٰ جانِ رحمت صَلَّي اللهُ تَعَالٰي عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمان جنّت نشان آھي: جنھن منھنجي سنّت سان محبت ڪئي ان مون سان محبت ڪئي ۽

www.dawateislami.net

جنهن مون سان محبت ڪئي اهو جنّت ۾ مون سان گڏ هوندو. [1]

سینہ تری سُنّت کا مدینہ بنے آقا
جنّت میں پڑوسی مجھے تم اپنا بنانا

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیب! صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** اچو! شيخ طريقت ،اميرِ اهلسُنَّت دَامَتْ بَرَکَاتُهُمُ الْعَالِيَه جي رِسالي **”163 مَدَني گل“ مان مِسواڪ بابت مَدَني گل ٻڌون ٿا۔**

◈ دعوت اسلامي جي اشاعتي اداري مكتبة المدينه جي شايع ٿيل ڪتاب **”بهار شريعت“** جلد پهريون صفحي 288 صدرُالشّريعه، بدرُالطريقه، حضرت علامہ مولانا مفتي امجد علي اعظمي رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰي عَلَيه لکن ٿا، مشائخ ڪرام فرمائن ٿا: جيڪو شخص مسواڪ جو عادي هجي ته مرڻ وقت ان کي ڪلمو نصيب ٿيندو، ۽ جيڪو آفيم کائي تو ان کي ڪلمو نصيب نہ ٿيندو ◈ حضرت سيدنا ابن عباس رَضِيَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ کان روايت آهي ته مسواڪ ۾ ڏهه خوبيون آهن: وات کي صاف ڪري ٿو، مسوڙن کي مضبوط ڪري ٿو، نظر تيز ڪري ٿو، بلغم ختم ڪري ٿو، وات جي ڌپ ختم ڪري ٿو، سنت جي موافق آهي، فرشتا خوش ٿين ٿا، ربّ عَزَّوَجَلَّ راضي ٿئي ٿو، نيڪي وڌائيندو ۽ معدي کي درست ڪندو آهي. (جَمْعُ الْجَوامِع لِلسُّيوطي ج۵ ص۲۴۹حديث ۱۴۸۶۷) ◈ مسواڪ پيلو يا زيتون يا نم وغيره جي ڪَوڙي ڪاٺي هجي ۞ مسواڪ جي ٿولهه چيچ جي برابر هجي ◈ ڏنڊڻ هڪ گرانٺ کان ڊگهو نہ هجي نہ ته ان تي شيطان ويهندو آهي ◈ ان جا ريشا نرم هجن جو سخت تاندورا ڏندن ۽ مهارن جي وچ ۾ وٿي (Gap) جو سبب بڻجندا آهن

[1]...مشكاة الصابيح،كتاب الايمان،باب الاعتصام بالكتاب والسنة،۹۷/۱،حديث:۱۷۵

www.dawateislami.net

◈ مسواڪ تازو هجي ته سنو نه ته ڪجهه دير پاڻي جي گلاس ۾ پسائي نرم ڪري ڇڏيو ◈ مُناسِب آهي ته ان جا تاندورا روزانو ڪٽيندا رهو جو ريشا ان وقت تائين ڪم جا آهن جيستائين انهن ۾ ڪؤڙاڻ باقي آهي ◈ ڏندن جي ويڪر ۾ ڏندڻ ڪريو ◈ جڏهن به ڏندڻ ڪرڻو هجي ته گهٽ ۾ گهٽ ٽي ڀيرا ڪريو ◈ هر ڀيري ڌوئي ڇڏيو ◈ ڏندڻ ساڄي هٿ ۾ اهڙي طرح ڪٺو جو ڇيچ ان جي هيٺان ۽ وچ واريون ٽي آڱريون مٿان ۽ آڱوٺو ڇيڙي تي هجي ◈ پهريان ساڄي طرف ڪان مٿين ڏندن تي ۽ پوءِ کابي طرف ڪان هيٺين ڏندن تي ڏندڻ ڪيو ◈ مسواڪ مٺ ۾ بند ڪري ڪرڻ سان بواسير ٿيڻ جو انديشو آهي ◈ ڏندڻ ڪرڻ وضو ۾ سنّت قَبليه آهي البت سنّت مؤڪّدَه ان وقت آهي جڏهن وات ۾ بدبو هجي. ( ما خوذ از فتاويٰ رضويه ج۱ ص ۶۲۳ ) ◈ استعمال ٿيل ڏندڻ جا تاندورا گڏوگڏ خود ڏندڻ جڏهن استعمال جي قابل نه رهي ته اڇلايو نه، جو هي سنّت ادا ڪرڻ جو ذريعو آهي، ڪنهن جڳهه تي احتياط سان رکي ڇڏيو يا دفن ڪري ڇڏيو يا سمنڊ ۾ وجهي ڇڏيو

( تفصيلي معلومات جي لاءِ مڪتبة المدينہ جي شايع ٿيل بهارِ شريعت جلد اوّل صفحي 294 تا 295 جو مُطالَعو فرمائي وٺو.)

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

طرح طرح جون هزارين سنتون سکڻ جي لاءِ مڪتبة المدينه جي شايع ٿيل ڪتاب 312 صفحن تي مشتمل ڪتاب "**بهار شريعت**" حصو 16 ۽ 120 صفحن جو ڪتاب "**سنتين ۽ آداب**" هديو ڏئي حاصل ڪيو ۽ پڙهو. سنتن جي تربيت جو هڪ بهترين ذريعو دعوت اسلامي جي مدني قافلن ۾ عاشقان رسول سان گڏ سنتن ڀريو سفر آهي.

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## دعوتِ اسلامي جي هفتيوار سنتن ڀري اِجتِماع ۾ پڙهيا ويندڙ 6 درود شريف ۽ 2 دعائون

### (1) جمعه جي رات جو دُرُود

اَللّٰهُمَّ صَلِّ وَسَلِّمْ وَبَارِكْ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدِ النَّبِيِّ الْاُمِّيِّ الْحَبِيْبِ الْعَالِي الْقَدْرِ الْعَظِيْمِ الْجَاهِ وَعَلٰى اٰلِهٖ وَصَحْبِهٖ وَسَلِّمْ

بزرگن فرمايو آهي تہ جيڪو شخص هر جمعرات (جمعہ ۽ خميس جي وچين رات) هن دُرُود شريف کي پابندي سان گهٽ ۾ گهٽ هڪ ڀيرو پڙهندو موت جي وقت سرڪار مدينہ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي زيارت ڪندو ۽ قبر ۾ داخل ٿيڻ وقت بہ ايستائين هو ڏسندو تہ سرڪار مدينہ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ان کي پنهنجي هٿن سان قبر ۾ داخل ڪري رهيا آهن.[1]

### (2) سمورا گُناه مُعاف

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى سَيِّدِنَا وَ مَوْلَانَا مُحَمَّدٍ وَّ عَلٰى اٰلِهٖ وَسَلِّمْ

حضرتِ سَيِّدُنا انس رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ کان روايت آهي تہ تاجدارِ مدينه صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: جيڪو شَخص هي دُرُود شريف پڙهي جيڪڏهن

---

[1]...افضل الصلوات على سيد السادات، الصلاة السادسة والخمسون، ص151ملخصًا

www.dawateislami.net

بيٺل هو تو ويهڻ کان پهريان ۽ ويٺل هو تہ بيهڻ کان پهريان، ان جا گناهہ معاف ڪيا ويندا.(1)

### (3) رَحمت جا ستر دروازا

صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّدٍ

جيڪو هي دُرُود شريف پڙهندو آهي ان تي رحمت جا ستر دروازا کوليا ويندا آهن.(2)

### (4) ڇهہ لک دُرُود شريفن جو ثواب

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدٍ عَدَدَ مَا فِيْ عِلْمِ اللّٰهِ صَلَاةً دَآئِمَةً بِدَوَامِ مُلْكِ اللّٰهِ

حضرت اَحمد صاوِي عَلَيهِ رَحمَةُ اللّٰهِ الهَادِی ڪن بُزرگن کان نقل ڪن ٿا هن دُرُود شريف کي هڪ ڀيرو پڙهڻ سان ڇهہ لک دُرُودشريف پڙهڻ جو ثواب حاصل ٿيندو آهي.(3)

### (5) قُربِ مُصطَفٰي صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى مُحَمَّدٍ كَمَا تُحِبُّ وَ تَرضٰى لَهٗ

هڪ ڏينهن هڪ شَخص آيو تہ حُضُورِ اَنور صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کيس پنهنجي ۽ صِدّيقِ اڪبر رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنهُ جي وچ ۾ ويهاريو، انهيءَ تي صَحابَہ ڪرام رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنهُم کي تَعَجُّب ٿيو تہ اهو مرتبي وارو شخص ڪير آهي جڏهن اهو هليو

---

1...افضل الصلوات على سيد السادات، الصلاة الحادية عشرة، ص 65

2...القول البديع، الباب الثانی، ص277،

3...افضل الصلوات على سيد السادات، الصلاة الثانية والخمسون، ص149

www.dawateislami.net

ويو تہ سرڪار مدينہ صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: هو جڏهن مون تي دُرُودِ پاڪ پڙهندو آهي تہ هيئن پڙهندو آهي.(1)

## (6) دُرُود شَفَاعت

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى مُحَمَّدٍ وَّاَنْزِلْهُ الْمَقْعَدَ الْمُقَرَّبَ عِنْدَكَ يَوْمَ الْقِيَامَةِ

شافع امم صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن جو فرمان معظم آهي : جيڪو شخص هي درود پاڪ پڙهي ان جي لاءِ منهنجي شفاعت واجب ٿي ويندي آهي.(2)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## (1) هڪ هزار ڏينهن جون نيڪيون

جَزَى اللّٰهُ عَنَّا مُحَمَّدًا مَا هُوَ اَهْلُهٗ

حضرتِ سَيِّدُنا ابنِ عباس رَضِیَاللّٰہُتَعَالٰیعَنہُمَا کان رِوايت آهي تہ سرڪارِ مدينہ صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: هي درود شريف پڙهڻ واري جي لاءَ ستر فرشتا هڪ هزار ڏينهن تائين نيڪيون لکندا آهن.(3)

1 ...القول البديع، الباب الاول، ص125

2 ... الترغيب والترهيب، ج ٢، ص ٣٢٩، حديث ٣١

3 ... مجمع الزوائد،كتاب الادعية،باب فى كيفية الصلاة...الخ،254/10،حديث:17305

www.dawateislami.net

## (2) جڻ شبِ قدر حاصل ڪري ورتي

لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ الْحَلِيْمُ الْكَرِيْمُ، سُبْحٰنَ اللّٰهِ رَبِّ السَّمٰوٰتِ السَّبْعِ وَرَبِّ الْعَرْشِ الْعَظِيْم

(خداءِ حليم و ڪريم کان سواءِ ڪوئي عبادت جي لائق ناهي، الله عَزَّوَجَلَّ پاڪ آهي جيڪو ستن آسمانن ۽ عرشِ عظيم جو پروردگار آهي)

**فرمانِ مصطفيٰ** صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ: جنهن هن دُعا کي ٽي ڀيرا پڙهيو جڻ ان شبِ قدر کي حاصل ڪري ورتو. (ابنِ عساڪر ج 19، ص 155، حديث 4455)

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد